INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 3, 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

گيچ ۽ سنڌي شادي: هڪ جائزو

STUDY OF GICH AND SINDHI WEDDING

Sardar Ali Channar
sardarchannar725@gmail.com

Teaching Assistant, Department of Sindhi, Government College University, Hyderabad, Pakistan. / M.Phil. Scholar, Department of Sindhi, Federal Urdu University of Arts, Science and Technology (FUUAST), Karachi, Pakistan.

Abstract

This paper presents a review of _Gich_, an important genre of Sindhi folk literature, and its relationship with Sindhi wedding rituals. Gich is folk poetry mostly sung by women on happy occasions, especially weddings, births, circumcision ceremonies, and other rituals. In Lar it is called “Giyo” and in northern Sindh it is called “Sehro”. The paper explains the literal and terminological meaning of Gich, its historical background, and the role of Mai Markhan Sheikh, the first woman poet of the Soomra period. Gich is divided into two types: _Social Gich_, which is sung at weddings and celebrations, and _Religious Gich_, which is composed in praise of saints and spiritual guides. The paper also sheds light on the structure of Gich, its simple composition, and its nature as collective poetry. The second important part of the paper consists of Sindhi wedding rituals, which include _Wanwah, Buki, Dajo, Mor, Mehndi, Nikah, the Mehndi ritual, taking the Paro, and the arrival of the groom at the bride’s house_. By giving examples of Gichs related to each ritual, it is shown how a Sindhi wedding is not only a social bond, but also a complete expression of culture, emotions, happiness, and collective togetherness.

Keywords: *Folk Poetry, Gich, Sindhi Cultural Traditions, Sindhi Folk Literature, Women’s Folk Songs.*

Corresponding Author: Sardar Ali Channar (Teaching Assistant, Department of Sindhi, Government College University, Hyderabad, Pakistan. / M.Phil. Scholar, Department of Sindhi, Federal Urdu University of Arts, Science and Technology (FUUAST), Karachi, Pakistan.)
Email: sardarchannar725@gmail.com

سنڌو تهذيب دنيا جي انهن تهذيبن مان آهي، جنهن کي پنهنجي ڌرتي آهي ۽ ان ڌرتي تي ان وٽ پنهنجا سماجي قدر، رهڻي ڪهڻي، ٻولي، ثقافت ۽ رسمون رواج آهن. ڪنهن به ثقافت ۾ شامل رسمون رواج اتان جي ماڻهن جي ڏکن سکن جو هڪ سنگم هوندو آهي. دنيا ۾ انهن رسمن رواجن کي لوڪ گيت جي ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي. لوڪ گيت لوڪ ادب جي اها نظمي صنف آهي، جنهن عام ماڻهن جي جذبن کي اظهاريو ويندو آهي، يعني لوڪ گيتن ۾ عام ماڻهن جي احساسن، امنگن، جذبن، ڏکن، سکن، غمن المن، خوشين، ڏٽڻ ۽ تهوارن کي اظهاريو ويندو آهي، پوءِ ان ۾ ڏک به هوندو آهي ته خوشي به موجود ايندي آهي.

لوڪ گيت جي سڏو سنئون ڳوناڻي عام ماڻهوءَ سان واسطو رکندو آي، جيڪو پنهنجا جذبا جيئن جو تيئن پيش ڪندو آهي. ”لوڪ گيت اهڙو عوامي اظهار آهي، جن ۾ هڪ ئي وقت تاريخ سفر ڪري ٿيءِ ٻئي طرف اسان جي ثقافتي مزاج جي اپٽار ٿيل ملي ٿي. (1)

لوڪ ادب ۾ لوڪ گيت سان ويجهڙائي رکندڙ هڪ صنف ڳيچ به نظر اچي ٿي، هي صنف لوڪ گيت سان منفرد ۽ الڳ جاتي وجي ٿي. (ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ڳيچ لوڪ گيت جو قسم آهن) ڳيچ صنف اڪثر ڪري عورتن جي صنف سمجهي ويندي آهي، چاڪان ته ڳيچ گهڻو ڪري عورتون ڪنهن خاص خوشين جي موقعي تي ڳائيندیون آهن، پوءِ اها خوشي شاديءَ جي صورت ۾ هجي يا ڪنهن رسم طهر سنت، سُکا يا وري پٽ جمڻ جي خوشي هجي. مطلب ته هن صنف جو سڏو سئون تعلق عورتن سان آهي. ” ڳيچ جي لفظي معني آهي، اهو ڪلام، جيڪو ڳايو وجي،۽ اصطلاحي معني ۾ اهو ڳائن جو شاديءَ يا خوشيءَ جي موقعي تي اڪثر عورتون ڳائن“ (2)

سنڌ جي مختلف پاڳن ۾ ڳيچ کي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. لاڙ ۾ ڳيچ کي ڳيو چوندا آهن ۽ اتر يا ٻين اڪثر حصن ۾ ان کي سهرو پڻ چوندا آهن.

ڳيچ سنڌ جي ثقافت جو هڪ پورو سفر آهي، جنهن ۾ پوري ماضيءَ جي تاريخ جي خبر پوي ٿي، ڳيچن جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي ٻيهڪ جو انداز پڻ ٿئي ٿو. ڳيچن خوشيءَ جو هڪ اٽوٽ اظهار آهي.

سنڌ ۾ ڳيچن جي شروعات ڪڏهن ٿي، ان بابت ڪجهه چئي نٿو سگهجي ها پر اها خيال ظاهر ڪري سگهجي ٿو ته جڏهن کان انسان خوشين کي تسليم ڪيو، يا خاص ڏٽڻ تي خوشيءَ ڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن کان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ انهن کي اظهاريو هوندو، سنڌي لوڪ گيتن ۾ باقاعده ڳيچن جا اهجاڻ سومرا دور ۾ ملن ٿا. ”مائي مرکان ن شيخڻ جو نالي سپ کان پهرين عورت شاعره طور ملي ٿو، مرکان شيخن سومرا دور سان تعلق رکندڙ هئي، جنهن گيت\ ڳيچ چئي ادبي تاريخ ۾ پنهنجو نالو منفرد مقام حاصل ڪيو. (3)

دهل گهرايم سهڻا مور چيندور،
مرشد جي ملي تي رهاڻ
ڪرهيل جي جملي تي رهاڻ
جيئن پير، لوڏون ڪندين سنڌ ۾. **مرکان شيخڻ (4)**

سنڌي لوڪ ادب ۾ ڳيچن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

سماجي ڳيچ

اهي ڳيچ جيڪي اولاد جي جمڻ، طهر، مڱڻي، شادي ۽ ٻين خوشين جي موقعي تي چيا ويندا آهن.

وڃ نغارا وڄ، شاهي نوبت اڇي
منهنجي راڻل جو ڏي سدا دهل وجي
پنهنجي راڻل لاءِ، مان بنگلو جوڙايان
وجي ويهندي اڳي، ڪوسو واءُ نه لڳي

دشمن اڳي ته تڳي، وڃ نغارا وڄ
پنهنجي سهڻل لاءِ، مان پانهي جوڙايان
وڃي پائيندي اڳي، ڪوسو واءُ نه لڳي
دشمن مور نه تڳي، وڃ نگارا وڄ (5)

مذهبي ڳيچ

مذهبي ڳيچ اهي هوندا آهن، جيڪي اڪثر ولين يا مرشد جي شان ۾ چيا ويندا آهن، جنهن ۾ مائي مرکان شيخڻ (وفات 1300ع) جا مشهور ڳيچ ملن ٿا. جيڪي هن پنهنجي مرشد ڪريهي پانبار جي شان ۾ چيا آهن. عجب جي اها گ*ا*لهه *ا*ها آهي ته *ا*نگريزي دور ۾ پڻ ڪنهن ش*ا*عر هجو ذڪر نٿو ملي، *ا*ها خصوصيت سنڌي *ا*دب ۾ آهي(5)

شرنايون گهرايم سهڻيون، مورچنيدور
مرشد جي ملي تي رهاڻ
ڪرهيل جي جملي تي رهاڻ
جيئن پير، لوڏون ڪندين سنڌ ۾.
يا سندس ٻي هيڻين عقيدت هن طرح آهي ته؛
هي ڪانڌيرو ڙي لس
هي واسڙي وس
آءُ کلندي ڪڏندي اچان
ڪرهل ڏٺم سک يار ۾
آئون کلندي ڪڏندي اچان
پانداري ڏٺم سک يار ۾
آئون کلندي ڪڏندي اچان
هي واسڙي جي وس
هي ڪانڌيرڙي لس.

(مرکان شيخڻ (7)

سنڌ ۾ هڪ ٻيو مذهبي ڳيچ اڇڪلهه تمام گهڻو مشهور آهي، جيڪو سن شهر ۾ واقع پير علي محمد شاهه جي درگاهه تي ڳايو ويندو آهي، جو هن ريت آهي.

مرشد منهنجو چوڏهينءَ جو چند، سائين ٻلي ٻلي ڪري آيو.
علي محمد شاهه چوڏهينءَ جو چند، سائين ٻلي ٻلي ڪري آيو.

سن شهر جو آهي راڻو، ضلعي دادوءَ ۾ آيو
زلف سيد جا ميندين رتڙا، گهنديءَ جوڙ بڻايو
سائين ٻلي ڪري آيو، پينر ٻلي ٻلي ڪري آيو(8)

ڳيچ جو سڀاءِ

ڳيچ جو سڀاءُ سادو هوندو آهي، پهرين شعر ۾ ٽلهه هوندو آهي باقي هيڻ ٻن، ٻن سٽن جون مصرائون هونديون آهن، ڪٿي ڪٿي هڪ سٽ جي مصرع به ملي ٿي. هن قسم جي صنف ۾ بندن جي ڪا به پابندي ناهي هوندي، جيترو وٽي وڌي چئي سگهجي ٿو البته گهٽ ۾ گهٽ ٽن مصرعن تي هجي، ڳيچ جيئن ته لوڪ شاعريءَ جي صنف آهي تنهن ڪري هن ۾ ڪو هڪ شاعر ناهي هوندو، موجوده دور ۾ ڪي شاعر ڳيچ لکن ٿا، پر عوامي شاعري هجڻ ڪري اهو مقطع ۾ پنهنجو نالي گهڻ ڏيندا آهن.

گيت عام طور تي شادين ۾ گهٽا ڳايا وڃن ٿا هتي اسان سنڌ جي شادين جون رسمون ۽ ان سان جڙيل ڪجهه گيتن جو ذڪر ڪنداسين.

سنڌ ۾ شاديءَ جون رسمون

هن مقالي ۾ اسان سنڌ جي اترئين هيٺئين حصي، خاص ڪري ضلعي دادو ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ رهندڙ سماٽ قبيلن جي شاديءَ سان لاڳاپيل مختلف رسمن ۽ رواجن کي واضح ڪنداسين. انهن رسمن جي وضاحت سان گڏ، انهن سان لاڳاپيل ڳيچن جا مثال پڻ پيش ڪيا ويندا، ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته مقامي سماج ۾ ڳيچن جو شاديءَ جي رسمن سان ڪهڙو لاڳاپو رهيو آهي. ان حوالي سان ونواهه، ٻُڪي، ڏاجي، موڙ، ميندي، نڪاح، لائون، رخصتي ۽ ٻين روايتي رسمن جو جائزو ورتو ويندو. هن مطالعي جو مقصد انهن رسمن جي ثقافتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ اهو سمجهڻ آهي ته اهي ڳيچ مقامي ماڻهن جي سماجي زندگي، جذبن، خوشين، روايتن ۽ ڪڏيل ثقافتي ورثي جي ترجماني ڪيئن ڪن ٿا.

ونواهه

شاديءَ جي تاريخ پڌڻ کان پوءِ، سڀ کان پهرين رسم ونواهه جي هوندي آهي، جنهن ۾ ڪنوار کي هڪ ڪوٺي جي ڪنڌ ۾ ويهاريو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪنوار کي هار سينگارڻ جو ڪم ڪيو ويندو آهي، ته جيئن ڪنوار ڪجهه نڪار آڻي. ونواهه ۾ ڪنوار کي گهوٽيتا ويهارن ايندا آهن، ۽ جيترا ڏينهن ڪنوار ونواهه ۾ هوندي آهي، ان عرصي جو راشن به گهوٽ جي مٽان هوندو آهي، جنهن ۾ کائڻ پيئڻ ۽ هار سينگار جو سامان هوندو آهي.

لونگ ڦوڻا ٽالهيءَ ۾، آءُ ڪنيون پئي اچان،
گهوٽ منهنجي اڳ ۾، آءُ نچندي اچان،
ميوا مصري ٽالهيءَ ۾، آئون ڪنيون پئي اچان-(9)

ونواهه ۾ ڪنوار گهٽ ۾ گهٽ 3 ۽ وڌ ۾ وڌ 7 ڏينهن ويهندي آهي. ونواهه ۾ ڪنوار ڪنهن جي منهن ناهي چڙهندي، مخصوص عورتون ساٿس گڏ هونديون آهن. لوڪ گيتن ۾ ونواهه بابت آيل گيتن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

ويهارڻ ڪنوار ونواهه ۾، اسان آيا آهيون،
چوندي ولر مان مومل ورتيسين،
پنهنجي ادل لاءِ ڳولي لڌيسون،
تنهن کي سينگارڻ آيا آهيون،
سونا زيور هن لاءِ ڦهرائي،
جپاني جوڙو آيا هون جوڙائي،
پاڻ پارائڻ آيا آهيون،
ويهارڻ ڪنوار ونواهه ۾، اسان آيا آهيون-(10)

ٻُڪي

ٻُڪي گھوٽيتن پاران ھڪ رسم ھوندي آھي، جنھن ۾ گھوٽيتا گھر ۾ سھرا چورائيندا آھن. گھوٽ ڪنوار جو ورتل سامان، ملیل سامان، ھڪ ھڪ ڪري سيني کي ڏيکاربو آھي. ٻُڪي تي آيل عورتن کي راڄ چيو ويندو آھي.

ڏاجو

ڏاجي جي رسم ڪنواريتا شادي کان ھڪ ڏينھن اڳ ڪندا آھن، جنھن ۾ ڪنوار جي مائٽن پاران ڏنل ڏاجو ۽ سرتين، عزيزن ۽ مٽن مائٽن پاران سوکڙين جي نمائش ڪرائي ويندي آھي. ڏاجي ۾ اڪثر سھرا ناھن چيا ويندا، پر لوڪ ادب ۾ انھن جا احساس به ملن ٿا.

ادي، ويو سارو راڄ، ڏيکاريو ڏاڄ،
وڳو چاچي ڏنو اٿس، وڳو مامي ڏنو اٿس،
گنجي برٽ سان پريل، وڳو بابي ڏنو اٿس،
پھچي ويو سارو راڄ، ڏيکاريو ڏاڄ-(11)

سرتيون، ڏاڄ ڏيکاريو، ايڏي دير نه لايو،
ڏاڄ ڏسڻ آيا آھيون، پڇڻ آيا آھيون،
بابي ڇا ڏنو، پينر، ڏاڄ ڏيکاريو،
بابي ڏنا ٽس سورنھن جوڑا،
سون جون جھمڪيون، بابي جا ٿوڙھا،
ڏاڄ ڏسڻ آيا آھيون، پڇڻ آيا آھيون-(12)

موڙ

موڙ جي رسم مھنديءَ کان اڳ ٿيندي آھي، جنھن ۾ گھوٽ کي موڙ ۽ ڳانو ٻڌو ويندو آھي. موڙ اڪثر ڪري مامو يا چاچو ٻڌندو آھي. موڙ ٻڌي گھور گھوري ويندي آھي.

موڙ ٻڌو پائو، موڙ ٻڌو منھنجي گھوٽ کي،
مولا ملايس، جوڙ الا منھنجي راڻ کي-(13)

ٻڌي موڙ، آيو مور،
ڪريو گھور گھوٽ تان،
لاڏي اڻ موٽ تان-(14)

ميندي

موڙ ٻڌڻ کان پوءِ، گھوٽ کي ميندي ھنئي ويندي آھي. گھوٽ کي اڪثر ڪري پينرون، پٽيون، ماسيون ميندي ھٿنديون آھن. ميندي گھوٽ جي ھٿن ۽ پيرن کي ھنئي ويندي آھي. گھوٽ جي ميندي جڏھن سڪندي آھي، ان کي جنھن پاڻيءَ سان ٿوئبو آھي، اھو پاڻي پاڪ سمجھي ڪنھن وھندڙ پاڻي ۾ ھاريو ويندو آھي، نه ته اھو پاڻي وڏي خيال سان رکيو ويندو آھي.

ھٿين گل ميندي، پيرين گل ميندي،
لايو ميندي منھنجي راڻ کي، سرتيون،
دھري دبئي مان آئون ٿي گھرايان،

جنهن جي مٿان سهڻا موتي جڙايان،
هٿين لايو ميندي، پيرين لايو ميندي۔(15)

وڃي ايندو وڃي اڄ ڏولٹو،
دل ايندو لڏڻ اڄ ڏولٹو،
هاڻي سرهي سيج وڇايان،
هاڻي ميندي هٿن کي لايا،
راڻي مومل وڃڻ پاڳ۔(16)

ان سان گڏ عورتون ميندي هڪٻئي کي به هڏندیون آهن. ميندیءَ جي مراد پڻ وڻندیون آهن۔

نڪاح

هي هڪ اسلامي معاهدو آهي، جنهن ۾ اسلامي طريقي سان گهوٹ ۽ ڪنوار هڪ ٿي ويندا آهن۔

نڪاح پڙهه ملان، منهنجي راڻل جو هاڻ،
ڏسي وڃي منهن، پنهنجي جيڏل جو هاڻ،
شاهد آيا، ڏئي وڪيل بيٹو آ،
لک ايئن جيئن توکي چيو آ،
پلو ڏيندو پاڳ منهنجي گهوٹل جو هاڻ،
هزار ٻارنهن سي ڏينونئي هاڻ،
مڃائي، الله اميد آهي، پڄائي هاڻ،
هلي پيو ته ڪاڄ، راڻل جو هاڻ۔(17)

نڪاح بعد، گهر ۾ عورتون ۽ مرد هڪٻئي کي مبارڪون ڏيندا آهن، خوشيءَ ۾ جهومريون پيا پائيندا آهن۔

گهوٹ جا بابا، توکي لک مبارڪون،
آسون اميدون توکي الله ڏيڪاريون،
منهنجي مولا ڏيڪاريون،
گهوٹ ٻنل جي بابي کي اڄ هار گلن جا پايو،
منهنجي هن راڻي جي ماڙيءَ کي عطر عنبير ڇڻايون۔ (18)

ميندي جي رسم

هي رسم شاديءَ جي رات ڏيندي آهي، جنهن ۾ پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ ميندي رکي ويندي آهي، پوءِ سڄي ڄڃ اتي ويندي آهي ۽ ميندي هٿن ۾ ڪٹي ڏيبل تي ان کي نچائيندیون آهن۔

ميندیءَ جي رات آئي، ميندي ڪٹو، جهومو، نچو، گڏ سهرا چئو،
خوشين پري رات آئي آ، ڳايو، ڳايو گيت خوشيءَ جا۔(19)
پڙو ڪٹي وڃڻ

گھوٽ جو سامان شادي واري رات ڇڇ جي صورت ۾ وڃي ڪنواريتن کي ڏئي اچبو آهي، جيئن اتان ڪنوار کي لائڻ لاءِ تيار ڪن ۽ گھوٽ کي اتي سامان ڪنواريتن ۾ وقت سر ملي وڃي.

گھوٽ جي ڪنوار جي گھر آمد

سنڌ ۾ لائون اڪثر اسُر جي وقت ڏُنيون ويندیون آهن، ۽ اڪثر گھوٽيتا رات جي آخري پهر ۾ ڪنوار جي گھر ويندا آهن، ڇڇ جي صورت ۾. گھوٽ ۽ سندس پيٽ هڪ رئو (پوتي) پائي هلندا آهن، جنهن کي پلُنُه چئبو آهي. ڇڇ جڏهن گھوٽ جي گھر پهچندي آهي، ته ڪنواريتا انهن جي مٿان چانور چٽيندا آهن.

گھوٽ کي تيار ڪرڻ

لائن وقت، ڪنوار کي سندس سرتيون تيار ڪنديون آهن، پر گھوٽ کي پوري هجوم ۾ تيار ڪيو ويندو آهي. ان کي ڪپڑا چاچو يا مامو پارائيندو آهي.

تنهنجي ٻانهن ۾ آ واڇ، ٻانهن لوڏي هلجان،
اڇيان بابو ايندئي، ٽائيم سهي ڏسجان. (20)
ڏانوڻ ڏيڻ

گھوٽ جڏهن لائون لهڻ ويندو آهي، ته ڪنوار جي ڪمري جي دروازي وٽ ڪجهه عورتون جن کي ڏاڍو هوندو آهي، جنهن کي پيرن جي آڱرين کان هٿن جي چيڇ تائين ست ڦيرا ڏنا ويندا آهن ۽ پوءِ گھوٽ کي چيو ويندو آهي ته ان کي ٽوڙي جيڪڏهن نه ٽوڙي سگھيو ته اهو سڏ سنوڻ ناهي سمجهيو ويندو.

ڊڪٽي پڇڻ

گھوٽ کي ڪنوار جي در تي ڏکر جي ڊڪٽي لت سان پڇرائبي آهي، اها ڊڪٽي اوندي ڪري رکبي آهي. جنهن کي باقاعده مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ پسائي رکيو ويندو آهي، ته جيئن پڪي ٿئي. هر رسم پوري ٿيڻ تي، گھوٽ کان ساليون يا اتي موجود عورتن مان هڪ عورت پيسا ونندي آهي.

نفل

سنڌ ۾ مسلمانن جي شادين ۾، گھوٽ ٻه شڪرانا نفل پڙ ادا ڪري ٿو.

لائون

لائون هڪ باڪمال رسم آهي، جنهن ۾ گھوٽ ڪنوار کي هڪ سيج تي آمهون سامهون ويهاري، انهن کي ڏکر هنيا ويندا آهن، جنهن کي لائون چيو ويندو آهي. لائون اتي موجود هر مرد ۽ عورت ڏيندي آهي.

پري ٿيو پلنگ تان، منهنجو مور ويهندو،
ويهي تنهن تي راڻل، اج لائون لهندو،
لهي لائون، لاڏل وڃي ڪنوار ويندو.

گھوٽ ڪنوار اج ته آمهون سامهون ويهندا،
هڪٻئي جا ڏڪ ۾، ٻئي گڏ منهن ڏسندا،
سيئي مائڻ گڏجي لائون ڏيندا،
ڪنوار هن جي ٿيندي، هو ڪنوار جو ٿيندو.(21)

ڪير جي رسم

ڪنوار جا مائڻ گھوٽ کي ڪير پيئارياندا آهن، جيڪو هڪ گلاس ۾ هوندو آهي، جنهن جو ڪيس اڏ پيئڻو هوندو آهي ۽ اڏ ڪنوار پيئندي آهي.

منهن ڏيکارڻي

لائن کان پوءِ، گھوٽ ڪنوار کي هڪٻئي جو منهن آئيني (آرسي) جي ذريعي ڏيکاريو ويندو آهي، ۽ ان وقت گھوٽ کان اهو پڇيو ويندو آهي ته ڪنوار کي هو تحفي طور ڇا ڏيندو.

ڪپهه چونڊائڻي

گهوٽ ڪنوار کي ڪپهه چونڊائي ويندي آهي.

مٽ کولاڻي ۽ منڊي پارائڻي

هن ۾ ڪنوار مٽ بند ڪندي آهي، ۽ گهوٽ کي اها مٽ کولڻي هوندي آهي. وري گهوٽ مٽ بند ڪندو آهي، ته ڪنوار کولينديِ آهي. اهو ان ڪري ڪيو ويندو آهي، ته جيئن خبر پوي ته ڪنهن ۾ وڌيڪ طاقت آهي، ۽ پوءِ هڪبئي کي منڊي پارائيندا آهن.

اڄ لائين تي، خاطر تنهنجي، ڏانوڻ ڏيو،
وڻي نوٽ ساوا، پوءِ اڇتي ڇڏيو،
پلي لائون لهي پنهنجي ڪنوار سان،
ڏيو هن کي جيڏيون، هن کي ويهاڻيون،
ويهي رهندو سولو، جي هوندو سياڻو،
هاڻ هن کي مومل ڏيکاريو،
وري کير تنهن کي، مٺو پياريو،
پلي کير پيئي، هر رسالي چوي،
پهرين لاڏيءَ جي مٽ کولي پوءِ،
پلي لائون لهي پنهنجي ڪنوار سان.(22)

رخصتي

لائن کان پوءِ، ڪنوار کي جڏهن گهوٽ پنهنجي نئين گهر وڻي ويندو آهي، ته ان وقت ڪنوار جي گهر ۾ ماحول غمزده ٿي ويندو آهي. ڪنوار پنهنجي مائڻن کان روئي موڪلائيندي آهي، ۽ ان درد کي لوڪ گيت ”ڏوري“ جي صنف ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪنوار مائڻن کان موڪلائيندي آهي، ۽ ڪنوار جا مائٽ گهوٽ جي مائڻن کي ڪنوار جون پاراتون ڪندا آهن، ته اسان جي چوڪريءَ جي پارت اٿو، ان کي ڪڏهن ڏکيو ڏينهن نه ڏيکارجو.

نياڻي نماڻي، چڏيئي گهر اباڻو،
چڏيئي گهر اباڻو، بابا ٿيو ويڳاڻو،
اٽئي پارت پيارا، نياڻي نماڻيءَ جي،
چڏيئي گهر اباڻو، بابا ٿيو ويڳاڻو،
الله جگ جو، جوڙيون جوڙي ٿو مهر سان،
جوڙي اٽس توسان، اسان جي آ نماڻي،
نياڻي نماڻي، چڏيئي گهر اباڻو،
آهي پياري اسان کي، وڏ پڻن کان،
ڪيون تنهنجي حوالي ٿا، نياڻي نماڻي،
امڙ کي روئندي، آ روئندي رات ويهاري،
ڪيئين جي حوالي، پنهنجي نياڻي،
نياڻي نماڻي، چڏيئي گهر اباڻو.(23)

گهر تنهنجو ڇڏيون پئي وڃان، اومان!
منهنجو نصيب ۾ لکيو ايئن هو،
توکان امڙ، اڄ ڏار ٿيان پئي،
درياءَ جي هن پار وڃان پئي،
مون لاءِ روئين متان، او امان-(24)

ان وقت، جتي ڪنوار جي رخصتي وقت ڪنواريتن جي گهر ۾ غمزده ماحول هوندو آهي، ته وري گهوٽ جي گهر ۾ خوشي جو ماحول هوندو آهي. ان جي ترجماني هن ريت ڪئي وئي آهي:

اسان بازيگر ماڻهو، بازي ڪٽيون پيا وجو،
بازي ڪٽيون پيا وجو، جاني وٽيون پيا وجون،
زور زماني لڳايو، ڪنهن ڪين گهڻايو-(25)

نتيجو:

هي مقالو سنڌ ۾ شاديءَ جي روايتي رسمن، عقيدن ۽ ثقافتي پهلوئن کي واضح ڪري ٿو. انهن رسمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي شاديون صرف هڪ سماجي عمل نه پر خوشي، محبت ۽ ڳڏيل روايتن جو اظهار آهن. ونواهه کان وٺي رخصتي تائين هر رسم ۾ پنهنجو هڪ خاص ثقافتي رنگ ۽ اهميت موجود آهي. اهي روايتون اسان جي لوڪ ادب ۽ ثقافتي ورثي جو اهم حصو آهن، جن کي محفوظ رکڻ ضروري آهي

حوالا:

1. جروار صنم، سنڌي لوڪ گيتن جو ثقافتي اپياس، سنڌي لوڪ ادب مضمون ۽ مقالا، سهيڙ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي 2013ع ، ص 206
2. ملاح، مختيار احمد، ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، سنڌ لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ،2015ع ص، 298
3. سومرو احمد، سومرا دور ۾ سنڌي شاعري، ڪارونجهر تحقيقي جرنل، ايڊيٽر ڊاڪٽر عنايت لغاري جلد 8، شمارو 15، ڊسمبر 2016ع ص 99
4. ساڃيو
5. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪاڦي آواز اسٽور اردو بازار ڪراچي، ڇاپو ٻيو 2016ص 53

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=wp-bDn36jqs&list=RDwp-bDn36jqs&start_radio=1

سومرو احمد، سومرا دور ۾ سنڌي شاعري، ڪارونجهر تحقيقي جرنل، ايڊيٽر ڊاڪٽر عنايت لغاري جلد 8، شمارو 15، ڊسمبر 2016ع ص 99

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=z7JDnKROuYI&list=RDz7JDnKROuYI&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=fTmswfz4vwU&list=RDfTmswfz4vwU&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=GpQuKXeoe-A&list=RDGpQuKXeoe-A&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=W8br7u943EA&list=RDW8br7u943EA&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=JRDTc-sxJ4o&list=RDJRDTc-sxJ4o&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=LzncCzFn8jM&list=RDLzncCzFn8jM&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=xdLRcakmYPc&list=RDxdLRcakmYPc&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=62oJNM89gAA&list=RD62oJNM89gAA&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=7L6p-VNDex0&list=RD7L6p-VNDex0&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=2tBL9jweLqI&list=RD2tBL9jweLqI&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=z-y_tRX6gRo&list=RDz-y_tRX6gRo&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=z5YZInRkRQI&list=RDz5YZInRkRQI&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=cl6doW2cXe8&list=RDcl6doW2cXe8&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=bocxQOFeH4U&list=RDbocxQOFeH4U&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=1GdIe6QJpxM&list=RD1GdIe6QJpxM&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=c15R9_BsZGg&list=RDc15R9_BsZGg&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=NeP1ZMH3UcM&list=RDNeP1ZMH3UcM&start_radio=1

YouTube. (2026, October *[video link*]) https://www.youtube.com/watch?v=d5EOR2rVBuQ&list=RDd5EOR2rVBuQ&start_radio=1

نوٽ : **هن مقال E۾ شادي جون رسمون ۽ ڳيج مقامي عورتن سان ڪيل ذاتي انٽرويوز ۽ سنڌي لوڪ گيتن (يوٽيوب تي موجود) جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي.**